رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ

# حضرت عثمان غني جوشان

**15-August-2019**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# حضرت عثمان غني جو شان

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِاڪرم، نورِ مجسم، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عاليشان آهي: الله پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحو ڪن ۽ نبي ڪريم (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرودِ پاڪ موڪلين تہ انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهرين ٻنهي جا سمورا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن. (مُسْنَدُ اَبِي يعْلي،٩٥/٣،حديث:٢٩٥١)

کعبے کے بدر الدُّجیٰ تم پہ کروڑوں دُرُود طیبہ کے
شمسُ الضُّحٰی تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٿي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ذُوالحِجَّة الحرام جو مهينو اسان جي وچ ۾ پنهنجي رحمتن ۽ برڪتن واري برسات وسائي رهيو آهي، هن مهيني جي 18 تاريخ جو ٽئين خليفهءِ راشد، رسولِ ڪريم، محبوبِ ربّ عظيم صَلَّى الله عَلَيْهِ وآلِهٖ وَسَلَّمَ

جي هڪ کان پوءِ ٻي شهزادي سان نڪاح جو شرف ماڻڻ واري، تمام گهڻي سخاوت فرمائڻ واري، صبر ۽ شفقت فرمائڻ واري، تمام گهڻو شرم ۽ حيا ڪرڻ ۽ غريبن سان گهڻي مَحَبَّت ڪرڻ واري، اللّٰه پاڪ ۽ ان جي رسول عَلَيهِ السَّلَام جي پياري اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جو يومِ شهادت آهي ۽ عَنقريب اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي، انهيءَ مناسبت سان اڄ اسان سندن سيرت ۽ ڪردار بابت پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه جو تذڪرهءِ خير ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، پهريان اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي عشقِ رسول تي هڪ حڪايت ٻڌنداسين. ان سان گڏوگڏ اَمِيرُالمؤمنين حَضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جون دِيني خدمتون ۽ سندن فضيلت تي حديث سڳوريون بہ ٻڌنداسين. سندن عشقِ رسول بابت **ايمان افروز معلومات** حاصل ڪنداسين.

صدر الافاضل حضرت مولانا سيد نعيمُ الدّين مرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه ۽ اَمِيرِ اهلسنّت حضرتِ علّامہ مَولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي والدِ گرامي حاجي عبدالرحمٰن قادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جو ڏهاڙو آهي، آخر ۾ ان مناسبت سان انهن جي سيرتِ مبارڪ جي باري ۾ بہ ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

اللّٰه پاڪ دل جمعي سان شروع کان آخر تائين بيان ٻڌڻ جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مهمان نوازي جو نرالو انداز

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب **"صحابہ ڪرام جو عشقِ رسول"** صفحي 53 تي آهي هڪ ڏينهن حضرتِ سيدنا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجي دوستن سان گڏ منهنجي گهر تشريف فرما ٿيو ۽

جيڪو ميسر هجي تناول فرمايو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن دعوت قبول فرمائي، جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابهٔ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ حضرت سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه جي گهر ڏانهن روانا ٿيا ته حضرت سَيِدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پويان هلندي سندن قَدَم مبارڪ ڳڻڻ لڳا، نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: عثمان! منهنجا قدم چو ڳڻي رهيا آهيو؟ حضرت سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قُربان! مان چاهيان ٿو ته پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ۽ توقير جي خاطر سندن هر هر قدم جي بدلي هڪ هڪ غلام (Slave) آزاد ڪيان. پوءِ حضرت سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه جي گهر تائين حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا جيتري قدر قدم مُبارَڪ ٿيا اوتري تعداد ۾ غلام آزاد ڪيائون. (جامع المعجزات،ص۲۵۷، ملخصا) (صحابه کرام کا عشق رسول،ص۵۳ تا ۵۴)

مجھ کو دُنیا کی دولت نہ زر چاہیے
شاہِ کوثر کی میٹھی نظر چاہیے
رات دن عِشق میں تیرے تڑپا کروں
یا نبی ایسا سوزِ جگر چاہیے

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۵۱۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! حضرت سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪهڙي طرح رسولِ عظيم، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عشق ۾ سندن هر هر قدم تي هڪ هڪ غلام آزاد فرمايائون. هن مان خبر پئي ته حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه جي دل ۾ عشقِ رسول ۽ محبتِ رسول جو چراغ روشن هو، عشقِ رسول جي چاشني سندن رڳ رڳ ۾ ڪيتري قدر سرايت ڪري چڪي هئي جو انهن

ڪي محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذات ڪان وڌيڪ ڪا شيء عزيز نہ هئي.

خود قرآنِ پاڪ ۾ الله پاڪ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم جو حڪم ڏنو آهي، جيئن

سيپاري 26 سُوْرَةُالْفَتْح جي آيت نمبر 9 ۾ ارشادِ باري آهي :

لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ وَ تُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿۹﴾

تَرجَمَوڪنز الايمان: تہ جيئن اي انسانو توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ رسول جي تعظيم ۽ احترام ڪريو، صبح ۽ شام الله جي پاڪائي بيان ڪريو.

بيان ڪيل آيت تحت تفسير صِرَاطُ الجِنَان ۾ آهي: هن آيت مان معلوم ٿيو! الله ڪريم جي بارگاهه ۾ حضور پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ۽ توقير انتهائي مطلوب ۽ بي انتها اَهميت لائق آهي ڇوتہ هتي الله پاڪ پنهنجي تسبيح (پاڪي بيان ڪرڻ) تي پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ۽ عزت کي مُقَدَّم فرمايو آهي ۽ جيڪي ماڻهو ايمان آڻڻ کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ڪن ٿا انهن جي ڪامياب ۽ بامُراد ٿيڻ جو اعلان ڪندي الله (ڪريم) ارشاد فرمائي ٿو:

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَ عَزَّرُوْهُ وَ نَصَرُوْهُ وَ اتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْۤ اُنْزِلَ مَعَهٗۤ ۙ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۵۷﴾ (پ۹،الاعراف:۱۵۷)

تَرجَمَو ڪنز الايمان: پوءِ جيڪي ان تي ايمان آڻين ۽ سند تعظيم ڪن ۽ ان جي مدد ڪن ۽ ان نُور جي پيروي ڪن جيڪو ان سان گڏ نازل ٿيو اُهي ئي با مُراد آهن.

(تفسيرصراط الجنان، پ۲۶، الفتح ، تحت الآية: ۹،۹/۳۴۷)

هن حڪايت مان اهو بہ معلوم ٿيو! صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان اُمّت کي تعظيمِ مُصطفٰي جا طريقا بيان ڪرڻ وارا آهن، بلڪ قيامت تائين تعظيمِ مُصطفٰي جا جيڪي بہ طريقا هوندا ۽ شريعت کان نہ ٽڪرائيندا هجن، اهي پسنديده آهن، جيئن حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تعظيمِ مُصطفٰي خاطر مديني پاڪ ۾ جانور تي سواري نہ ڪيائون.

هن ۾ شڪ ناهي تہ عشقِ حقيقي جيڪڏهن نصيب ٿي وڃي تہ اظهار جا طريقا بہ اچي ويندا آهن ۽ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کان وڌو عاشقِ رسول ڪير ٿي سگهي ٿو؟ هر صحابي پنهنجي پنهنجي جڳهہ الفتِ رسول ۽ محبتِ رسول جو چمڪندڙ تارو هو. عشقِ رسول جا جيڪي مثال انهن مقدس هستين پيش ڪيا انهن جو مثال نٿو ملي. جيڪو شان ۽ عظمت انهن کي نصيب ٿيو اهو ڪنهن غيرِ صحابي کي حاصل نٿو ٿي سگهي. سُلطانِ عَرَب، محبوبِ ربّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: توهان جو جبل برابر سون خَيرات ڪرڻ منهنجي ڪنهن صحابي جي سَوا سَير جَو خَيرات ڪرڻ بلڪ ان جي اَڌ جي برابر بہ نٿو ٿي سگهي.“ (بخاري، ڪتاب فضائل اصحاب النبي،باب قول النبي لو ڪنت متخذا خليلا، ٢ /٥٢٢،حديث: ٣٦٧٣ملخصاً)

## صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جون خدمتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جو شان اهڙو بي مثال آهي جو ڪو بہ انهن جي مقام ۽ مرتبي کي نٿو پهچي سگهي. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪيو. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن سڀ کان پهريان رسولِ خدا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي دعوت تي لبيڪ چيائون. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن آقا ڪريم، محبوبِ ربّ عظيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو ديدار ڪيو ۽ سندن معجزن کي پنهنجي اکين سان ڏٺائون. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جيڪي اُمت ۾ سڀ کان افضل ۽ اعليٰ آهن. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن جا بهترين وصف پاڻ ربِّ ڪريم قرآن ۾ بيان ڪيا آهن. ❖

**صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جو حديث سڳورين ۾ انهن جو شان بيان ڪيو ويو آهي. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن ڪي اللّٰه پاڪ پنهنجي محبوبِ پاڪ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي رفاقت جي لاءِ چونڊيو. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن ڪي سڀ کان پهريان تبليغ اسلام جون سعادتون مليون. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن دِينِ اسلام جي ترويج ۽ اشاعت جي لاءِ ڪافرن جي ظلم ۽ ستم ڪي برداشت ڪيائون. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن جي بي پناھ ڪوششن سان پرچمِ اسلام سڄي دنيا ۾ بلند ٿي ويو. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن دِين جي تبليغ جي لاءِ پنهنجو تن من ڌن سڀ قربان ڪري ڇڏيو. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن ابتداءِ اسلام جي مشڪل ماحول ۾ بک اُڃ برداشت ڪري، پيٽ تي پٿر ٻڌي، قريبي رشتيدارن جون دشمنيون سهي ۽ انهن سان جنگون وڙهي بہ پرچمِ اسلام کي اُونچو رکيائون. ❖ **صحابہ ڪرام اهي هستيون آهن** جن جي بيشمار محنتن ۽ لازوال قربانين جو نتيجو آهي جو اڄ اسان اللّٰه پاڪ ۽ ان جي پياري رسول عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو نالو وٺندڙ آهيون، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سميت تمام صحابہَ ڪرام سان محبت ڪريون ۽ انهن جي محبت پنهنجي اولاد کي بہ سيکاريون.

صحابہ ہیں تاجِ رِسالت کے لشکر
رسولِ خُدا تاجدارِ صحابہ
اِنہیں میں ہیں صِدیق و فاروق و عثماں
اِنہیں میں علی شہسوارِ صحابہ
پسِ مَرگ اے اعظمی! یہ دُعا ہے
بنوں میں غُبارِ مزارِ صحابہ

هر صحابي نبي *****جنّتي جنّتي
هر صحابي نبي *****جنّتي جنّتي
چار يارِ نبي *****جنّتي جنّتي
ابوبڪر و عمربهي *****جنّتي جنّتي
عثمانِ غني ***** جنّتي جنّتي
فاطمه ۽ علي ***** جنّتي جنّتي
حسن به حسين به ***** جنّتي جنّتي
هر صحابي نبي ***** جنّتي جنّتي

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو شان

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سيرت بابت ٻڌي رهيا هئاسين، حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خدمتن جو اندازو ڪير ڪري سگهي ٿو، دين جي خاطر جيڪي قربانيون پاڻ ڏنيون اهي سندن جو ئي حصو هيون. ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ اُنهن خوش نصيب صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۾ شامل آهن جن شروعِ اسلام ۾ ايمان آندو هو. ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٻہ ڀيرا راهِ خدا ۾ هجرت جو شرف حاصل ڪيو. ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ اهي شخصيت آهن جن کي جامع القرآن هئڻ جو شرف حاصل آهي، ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٻنهي قِبلن ڏانهن نماز پڙهي آهي. ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو نالو انهن صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي فهرست ۾ شامل آهي جيڪي رشتيدارن جون تمام تر تڪليفون سهڻ جي باوجود ايمان تي ثابت قدم رهيا، ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي اهو شرف حاصل آهي تہ سراپانُور، شافعِ يوم النُّشور صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ٻہ شهزاديون هڪ کان پوءِ ٻي سندن جي نڪاح ۾ آيون، ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ سيرت ۾ بہ بي مثال هئا، صورت ۾ بہ بي مثال هئا، ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو شمار اللّٰه ڪريم جي انهن مقرب ٻانهن ۾ آهي جيڪي سڄي سڄي رات عبادت ۽ بندگيءَ ۾ گذاري ڇڏيندا هئا، ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ انهن ماڻهن ۾ شامل هئا جيڪي هر وقت خوفِ خدا ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري سان رهندا هئا، ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ اهڙا تحمل مزاج هئا جو پاڻ جامِ شهادت نوش ڪيائون پر رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ شهر ۾ رتو ڇاڻ نہ ٿيڻ ڏنائون، ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ سخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا، ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ حِلم ۽ صبر ۽ شفقت ۾ بہ پنهنجو مثال پاڻ هئا، ❖ حَضرتِ سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ عاجزي ۽ انڪساري وارا بزرگ هئا.

## حضرت عُثمانِ غني رضی اللہ عنہ ۽ اِتباعِ رَسُول

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٻين پيارن وصفن جيان اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عثمانِ غني رضی اللہ عنہ اِتباعِ رسول ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ ها. سردي گرمي جي پرواھ ڪرڻ بنا پنهنجي قولن ۽ فعلن ۾ محبوبِ ربِّ ذُوالجلال صَلَّی اللہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون سُنّتون ۽ ادائون خوب خوب اپنائيندا ها. اچو! حضرت سيدنا عثمانِ غني رضی اللہ عنہ جي حضور صَلَّی اللہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن ۽ سُنّتن سان محبت بابت 3 واقعا ملاحظہ ڪريو. جيئن

هڪ ڏينهن حضرتِ سيدُنا عثمانِ غني رضی اللہ عنہ مسجد جي دروازي تي ويهي ٻڪري جي دَستي جو گوشت گهرايو ۽ ڪاڌائون ۽ بِغير تازو وُضو ڪرڻ جي نَماز ادا ڪئي پوءِ فرمايائون: رسولُ اللہ صَلَّی اللہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ هن جاءِ تي ويهي اهو(ٻڪري جي دستي جو گوشت) ڪاڌو هو ۽ هن طرح ڪيو هو. (مُسندِ اِمام احمد بن حنبل ج ۱ ص۱۳۷ حديث۴۴۱)

حضرتِ سيدُنا عُثمانِ غني رضی اللہ عنہ هڪ ڀيري وُضو ڪندي مُرڪڻ لڳا! ماڻهن سبب پڇيو تہ فرمايائون: مون هڪ ڀيري سرڪارِ نامدار صَلَّی اللہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هن جاءِ تي وُضو ڪرڻ کان پوءِ مُرڪندي ڏٺو هو. (اَيضاً ص۱۳۰حديث۴۱۵ مُلَخّصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سخت سَردي ۾ بہ فرمانِ نَبَوِي تي عَمَل:

اَمِيرُالمُؤمِنِين حضرتِ سيدنا عثمانِ غني رضی اللہ عنہ هڪ سرد رات ۾ جڏهن نماز جو ارادو ڪيو، ۽ پنهنجي غلام حضرت حُمران کان وضو جي لاءِ پاڻي گهريو. غلام پاڻي پيش ڪيو تہ پاڻ رضی اللہ عنہ ان سان هٿ منهن ڌوئڻ لڳا. (وُضو شروع ڪيائون تہ) غلام عرض ڪيو: اللہ پاڪ اوهان کي محفوظ رکي، اوهان وُضو ڪري رهيا آهيو جڏهن تہ رات تہ گهڻي ٿڌي (Cold) آهي. حضرت سيدنا عثمانِ غني رضی اللہ عنہ جواب ارشاد فرمايائون: مون ٻنهي جهان جي تاجور، سلطانِ بحروبر صَلَّی اللہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ٻڌو آهي: جيڪو ٻانهو ڪامل وضو ڪندو آهي اللہ

تعالي ان جا اڳيان پويان گناھ بخشي ڇڏيندو آھي. (مسندالبزار،مسند عثمان بن عفان، ج٢، ص٧۵، الحديث: ۴٢٢)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل روايت کي مدّ نظر رکندي اسان کي ۾ غور ڪرڻ گھرجي تہ ڇا اسان کي ۾ سنتي طريقي سان وضو ڪرڻ اچي ٿو؟ جيڪڏھن نٿو اچي تہ سکون، ڇا اسان ۾ فرض ۽ نفلن جا پابند آھيون؟ ڇا اسان ۾ سُنّتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو رکون ٿا؟ اللّٰه ڪريم اسان کي فرض ۽ واجبن ۽ سُنتن ۽ مُستحبن جي بجاآوري ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاہ النَّبِي الْاَمِينْ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

تیری سُنّتوں پہ چل کر ،مری رُوح جب نکل کر
چلے تُو گلے لگانا مدنی مدینے والے
ملے سُنّتوں کا جذبہ مرے بھائی چھوڑیں مولیٰ
سبھی داڑھیاں منڈانا مدنی مدینے والے
مری آنیوالی نسلیں ترے عشق ہی میں مچلیں
اُنہیں نیک تُو بنانا مدنی مدینے والے

(وسائل بخشش مرمم،ص۴٢٨۔۴٢٩)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## احاديثِ ڪريمہ ۾ شانِ عثمانِ غني

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اتباعِ رسول جون وڏيون برڪتون آھن، ڪاش! حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي صدقي اسان ۾ ڪامل اتباعِ رسول ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عُمومًا ڏٺو ويندو آھي تہ ھڪ غلام تہ پنھنجي آقا

جي عنايتن ۽ ان جي مهربانين جي سبب گهڻي تعريف ڪندو رهندو آهي. پر ڪمال هي آهي ته جڏهن آقا به پنهنجي غُلام جي خُوبين تي سندس تعريف ڪري، حضرت سَيِدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جو شُمار به انهن خُوش نصيب صحابهءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۾ ٿئي ٿو جن جي حق ۾ حُضُور پر نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ لبن ڪيئي ڀيرا تعريف فرمائي، ڪڏهن سندن کي دربارِ رِسالت کان جَنَّت جي خوشخبري عطا ڪئي وئي، ته ڪڏهن مني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو جَنَّتي رفيق (ساٿي) قرار ڏنو، ڪڏهن ته سندن کي ڪامل حَيا جي سَنَد عطا فرمائي ته ڪڏهن سندس جي شَفاعت جي ذِريعي ماڻهن کي جَنَّت ملڻ جو اعلان فرمايو.

حضور نبي ڪريم، رسولِ رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت غثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي شان ۾ جيڪي ساراهه لائق جملا ارشاد فرمايا. اچو انهن مان 5 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا:

1. ارشاد فرمايائون: ”عُثمان مون مان آهي ۽ مان عُثمان مان آهيان.“ (ابن عساکر،عثمانِ بن عفان، ۱۰۲/۳۹،حديث:۷۸۷۸)
2. ارشاد فرمايائون: ”جَنَّت ۾ هر نبي جو هڪ رفيق هوندو ۽ منهنجو رفيق (ساٿي) عُثمان بن عَفان هوندو.“ (ابن عساکر،عثمانِ بن عفان،۱۰۴/۳۹،حديث:۷۸۸۱)
3. ارشاد فرمايائون: ”قيامت جي ڏينهن عُثمان جي شفاعت سان سَتَّر هزار (70,000) اهڙا ماڻهو بغير حساب جي جَنَّت ۾ داخل ٿيندا جن تي جَهنَّم واجب ٿي چڪو هوندو.“ (ابن عساکر،عثمانِ بن عفان، ۱۲۲/۳۹، حديث:۷۹۱۶)
4. ارشاد فرمايائون: ”منهنجي اُمَّت ۾ سڀ کان وڌيڪ شرم ۽ حَيا جا پيڪر ۽ تعظيم ۽ عزت وارا عثمان بن عفّان آهن.“ (مسندالفردوس ،۲۵۰/۱،حديث: ۱۷۹۰)
5. ارشاد فرمايائون: ”منهنجي امت ۾ سڀ کان وڌيڪ با حيا انسان عثمان بن عفّان آهن.“ (مستدرڪ ، ڪتاب معرفة الصحابة ،باب حبر هذه الامة عبد الله بن عباس ،۶۸۹/۴،الحديث:۶۳۳۵)

عُلوِّ شان کا کیوں کر بیاں ہو آپ کی پیارے
حیا کرتی ہے مولیٰ آپ سے مخلوقِ نورانی
مجھے اپنی سَخاوت کے سمندر سے کوئی قَطرہ
عطا کردو نہیں درکار مجھ کو تاجِ سلطانی
عداوت اور کینہ ان سے جو رکھتا ہے سینے میں
وہی بدبخت ہے مَلعون ہے مردود شیطانی

مختصر وضاحت:(1) پاڻ رضی اللہ عنہ جو بلند شان ڪهڙي طرح بيان ٿي سگهي ٿو! اوهان جي شان جو تہ عالَم اهو آهي جو اوهان کان نوراني مخلوق يعني ملائڪ بہ حيا ڪن ٿا. (2) مون کي تخت ۽ تاج جي ڪا ضرورت ناهي، مون کي تہ بس اوهان جي سخاوت جي سمنڊ مان هڪ قطرو گهرجي.(3) جيڪو پنهنجي سيني ۾ پاڻ رضی اللہ عنہ جي لاءِ دُشمني ۽ ڪينو رکي ٿو اهو تمام ئي وڏو بدبخت، ملعون ۽ مردُود آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت عثمانِ غني رضی اللہ عنہ جي عبادت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عثمانِ غني رضی اللہ عنہ جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين. پاڻ رضی اللہ عنہ جي پاڪيزه سيرت جو هڪ روشن پهلو اهو بہ هو تہ پاڻ سڄي سڄي رات سجدن ۽ قيام ۾ گذاريندا ها، ڪڏهن سندن راتيون تلاوتِ قرآن ۾ گذرنديون هيون تہ ڪڏهن سجدن ۽ قيام جون لڏتون ماڻيندي گذري وينديون هيون، اچو! حصولِ ترغيب جي لاءِ اسان اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عثمانِ غني رضی اللہ عنہ جي شوقِ عبادت ۽ تلا وت جا واقعا ٻڌون ٿا:

1. حضرت سيدُنا زبير بن عبدُالله رحمۃ اللہ علیہ کان روايت آهي تہ امير المؤمنين حضرت سيدُنا عثمان رضی اللہ تعالٰی عنہ هميشہ روزو رکندا هئا ۽ ابتدائي رات ۾ ڪجهہ آرام ڪري پوءِ سڄي رات عبادت ۾ گذاريندا هئا. (مصنف ابن ابي شيبة،كتاب صلاة التطوع۔۔۔الخ،باب من كان يامر...الخ،١٧٣/٢، حديث:٦)

2. جڏهن امير المؤمنين حضرت سيدُنا عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي شهيد ڪيو ويو ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي گهرواريءَ قاتلن کي فرمايو: توهان ان شخص کي شهيد ڪيو جيڪو سڄي رات عبادت ڪندو ۽ هڪ رڪعت ۾ قرآنِ ڪريم ختم ڪندو هو. (الزهد للامام احمد،زهد عثمانِ بن عفان ،ص ١٥٣،حديث: ٦٧٣)

3. حضرت سيدُنا عبدالرحمن تيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مون کي هڪ ڀيري مقامِ ابراهيم تي رات ٿي وئي. مان عشاء جي نماز ادا ڪري مقام ابراهيم تي پهتس ايستائين جو مان ان ۾ بيٺس ته ايتري ۾ هڪ شخص منهنجي ڪلهن (Shoulders) جي وچ ۾ هٿ رکيو. مون ڏٺو ته اهي امير المؤمنين حضرت سيدُنا عثمان بن عفان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ هئا. ڪجھ دير بعد پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ سورهءِ فاتحه کان قرآنِ ڪريم جي تلاوت شروع ڪئي ايستائين جو سڄو قرآنِ ڪريم ختم ڪيائون. (الزهد لابن المبارک،باب فضل ذکرالله،ص٤٥٢،حديث:١٢٧٦ ملخصاً)

نبی نے تیرے بدلے "بیعتِ رضواں" میں کی بیعت کہا قرآن نے دستِ نبی کو دستِ یزدانی

مختصر وضاحت: جڏهن نبي ڪريم، رءوف و رحيم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم بيعتِ رضوان ۾ صحابهء ڪرام عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان کان بيعت ورتي ته ان وقت حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ اتي موجود نه هئا، ته حضور نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم خود پنهنجو ساڄو هٿ کاٻي تي رکي ان کي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو هٿ قرار ڏيندي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي بيعت ۾ شامل فرمايائون. قرآنِ ڪريم ساقي ڪوثر، مالڪ جنت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ کي ربّ ڪريم جو مبارڪ هٿ ارشاد فرمايو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## وقت ناهي ملندو!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! عبادت جا اهڙا معمولات ڪنهن جا آهن؟ اَمِيرُ المؤمنين، حَضرتِ سَيِدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جا. جن جو شان اهو آهي ته انهن کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ٻن شهزادين جو هڪ کان پوءِ ٻيءَ سان نڪاح ٿيڻ جي سعادت ملي، انهن جو شان اهو آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي ڪيئي ڀيرا پنهنجي مبارڪ زبان سان **جنت جي خوشخبري** عطا فرمائي، انهن جو شان اهو آهي ته رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ به انهن سان حياء ڪندا ها، انهن جو شان اهو آهي ته الله ڪريم جا معصوم ملائڪ به انهن کان حيا ڪندا ها، انهن جو شان اهو آهي ته رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي خاطر بيعتِ رضوان ورتي، ايتري وڏي رتبي تي فائز هئڻ جي باوجود پاڻ ڪثرت سان عبادت ڪندا ها، تلاوت ڪندا ها ۽ وڌ کان وڌ نيڪ عمل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهندا ها. جڏهن ته ٻئي پاسي اسان جهڙن جو حال اهو آهي ته اسان جو اڪثر وقت فضوليات ۾ برباد ٿي ويندو آهي، اسان جا ڏينهن رات غفلتن ۾ ڪٽجي ويندا آهن، اسان وٽ نه ئي علمِ دِين سکڻ جي لاءِ وقت، نه لازم عبادتن جي معلومات ڄاڻڻ جي لاءِ وقت، ۽ نه ئي تلاوتِ قرآن جي لاءِ، نه ئي اسان نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ وقت ڪڍي سگهون ٿا، نه اسان نيڪي جي دعوت ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪري سگهون ٿا. اسان قافلي جا مسافر به ان ڪري نٿا بڻجي سگهون ته **وقت نٿو ملي**، اسان درس ۽ بيان ڪرڻ ٻڌڻ جي سعادت کان به ان ڪري محروم رهون ٿا ته **وقت نٿو ملي**، اسان پنهنجي عملن جو جائزو ۽ ان تي غور ۽ فِڪر به نٿا ڪري سگهون جو **وقت نٿو ملي**، اسان هفتيوار اجتماعات ۾ به نٿا اچون جو **وقت نٿو ملي**، اسان هفتيوار مدني مذاڪري ۾ شرڪت کان به ان ڪري محروم رهون ٿا جو **وقت نٿو ملي**،

افسوس! هڪ تعداد ته مَعَاذَالله (الله پاڪ جي پناهه) فرض نمازون به ان ڪري قضا ڪندي آهي ته **وقت نٿو ملي**، هڪ تعداد فرض علوم به ان ڪري نٿو سکي سگهي ته **وقت نٿو ملي**، هڪ تعداد دِين جي ضروري مسئلن کان به ان

ڪري آگاهہ ناهي تہ **وقت نٿو ملي**، هڪ تعداد دين جي بنيادي ۽ ضروري معلومات کان ان ڪري پري آهي تہ **وقت نٿو ملي**، هڪ تعداد علمِ دِين ان ڪري نٿو سکي تہ تہ **وقت نٿو ملي**،اَلْغَرَض! دِين سکڻ، آخرت سنوارڻ ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ ڪو ڪم ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي وڃي تہ هڪ تعداد آهي جو اهو چوندي نظر ايندو آهي تہ **وقت نٿو ملي.**

**ياد رهي!** دِين جي لازم عِلمن ۽ لازم عبادتن جي لاءِ وقت ڪڍڻ ۽ عبادت هن انداز سان ڪرڻ جو جنهن انداز سان ادا ڪرڻ جو حڪم آهي، اسان جي شرعي ذمہ داري آهي، بلڪ جيڪو شخص جنهن پيشي يا معاملي سان تعلق رکي ٿو، ان جا ضروري مسئلا سکڻ ۽ ان جي لاءِ وقت ڪڍڻ، اُن شخص جي لاءِ لازم آهي، افسوس! دِين جا ضروري مسئلا سکڻ جي لاءِ اسان وٽ وقت ناهي، ها! دنياوي معاملن جي لاءِ وقت ئي وقت آهي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ اخبارن جو مطالعو ڪرڻ ۽ خبرون (News) ڏسڻ، ٻڌڻ ۾ گذري ويندا آهن، پر پرواهہ ناهي هوندي، رات دير تائين هوٽلن ۽ چوڪن تي ويهڻ اسان جو معمول بڻجي چڪو آهي، پر پرواهہ ناهي هوندي، الله پاڪ جي پناهہ هاڻي تہ جڳهہ جڳهہ تي اهڙا ڪيئي هوٽل آهن جتي خاص ڪري نوجوان رات جو دير تائين ويهي گپ شپ ڪندا آهن ۽ پرواهہ ناهي هوندي. تاش ،لُڏو ۽ وڊيو گيمز کيڏي پنهنجو قِيمتي وقت برباد ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي پرواهہ ناهي هوندي. بعض نادان موبائل ۽ انٽرنيٽ استعمال ڪرڻ ۾ ايتري قدر مگن ٿي ويندا آهن جو وقت جي خبر ناهي پوندي ۽ انهن کي پرواهہ بہ ناهي هوندي. هڪ تعداد آهي جيڪا ڪم ڪار جي موڪل ڪرڻ تہ رهيو پري، ڪجهہ منٽ دير سان وڃڻ بہ پسند ناهي ڪندي پر افسوس! فرضن ۽ واجبن جي ادائيگي، نفل عبادتن جي بجا آوري، باجماعت نماز جي حاضري ۽ تلاوتِ قرآن ڪرڻ جي حوالي سان اسان اِنتهائي غفلت ۽ سُستي جو شڪار نظر ايندا آهيون.

**ڪاش!** اسان دُنيا ۾ اچڻ جو مقصد سمجهون، ڪاش! نزع جي سختين

ڪي ياد ڪريون، **ڪاش!** اسان قبر جي تنهائي، گهٻراهٽ ڪي ياد ڪريون، **ڪاش!** قيامت جو 50 هزار سالن جو ڏينهن اسان ڪي ياد رهي ها، **ڪاش!** بارگاهِ اِلٰهي ۾ پيش ٿيڻ اسان ڪي ياد رهي ها.

اچو!پنهنجي اندر عبادت ۽ تلاوت جو ذوق ۽ شوق بيدار ڪرڻ جي لاءِ 2 فرامينِ مُصطَفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو ۽ عِبادت ۽ تلاوت ڪرڻ جي عادت بڻايو، جيئن

(1) ارشاد فرمايائون: الله پاڪ فرمائي ٿو: اي انسان! تون منهنجي عبادت جي لاءِ فارغ ٿي وڃ مان تنهنجو سينو غنا ڪان ڀري ڇڏيندس ۽ تنهنجي محتاجي جو دروازو بند ڪندس ۽ جيڪڏهن تون ائين نه ڪندين ته مان تنهنجا ٻئي هٿ مصروفيات سان ڀري ڇڏيندس ۽ تنهنجي محتاجي جو دروازو بند نه ڪندس. (ترمذي، كتاب صفة القيامة،باب٣٠، ٢١١/۴،حديث: ٢۴٧۴)

(2) ارشاد فرمايائون: "بيشڪ ماڻهن مان ڪجهه الله وارا آهن."صحابۂ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو، يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهي ڪير آهن؟ فرمايائون: قرآن پڙهڻ وارا جو اهي ئي الله وارا ۽ خواص (خاص ماڻهن) ۾ شامل آهن. (ابن ماجه،كتاب السنة،باب فضل من تعلم القرآن وعلمه،١ /١۴٠،حديث: ٢١٥)

اي **عاشقانِ رسول!** اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو بي روزگاري جي ڪري پريشان آهي، ڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ محتاجي ته ڪڏهن ڪنهن ڪم ۾، ڇو نه اسان اهو ذهن بڻايون ته هن بي روزگارين ۽ ٻين جي محتاجي ڪان جان ڇڏائڻ جي لاءِ پنهنجي مهربان مالڪ ۽ موليٰ جي بارگاهه ۾ حاضري ڏيون، **فرض نمازن جي پابندي** ڪريون، **تلاوتِ قرآن** ڪيتري عظيم عبادت آهي، اسان ڇو نه هن عظيم عبادت جي ذريعي طرح طرح جون نعمتون عطا فرمائڻ واري مالڪ ڪريم ڪان **محتاجي ختم ٿيڻ** جي دُعا گهرون.

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مدرسة المدينہ بالغان"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! فضوليات کان بچڻ ۽ ڀاڻ کي نيڪين ۾ مصروف ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم "مدرسة المدينہ بالغان" ۾ شرڪت بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت جا ڪيئي فائدا ۽ برڪتون آهن. ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان قرآنِ پاڪ دُرست پڙهڻ جو هڪ ذريعو آهي ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان نماز، وُضو ۽ غُسل وغيره بعض ضروري اَحڪام سکڻ جو بهترين ذَريعو آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ حاضِري جي بَرَڪت سان سنّي صُحبت ملي ٿي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ جي سعادت ملي ٿي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان عِلمِ دِين جي دَولت نصيب ٿيندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان مَدَني اِنعامات تي عمل جو جذبو ملندو آهي. اچو! مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ پڙهڻ جي بَرَڪت تي مُشتَمِل هڪ مَدَني بهار ٻڌون، جيئن

## مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت

ڪراچي جو رهائشي اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ۾ فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ ۽ بدنگاهي ڪرڻ جو عادي هو، نمازن جي پابندي جو بہ ذهن نہ هو. اتفاق سان هڪ دفعي ان جي ملاقات سفيد لباس پاتل سبز سبز عمامو سجايل هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي، ان انفرادي

ڪوشش ڪندي ان کي مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، ان دعوت قبول ڪندي مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ شروع ڪيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه مدرسة المدينہ (بالغان) جي برڪت سان هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ان جو معمول بڻجي ويو، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مريد بہ ٿي ويو. نمازي ۽ مسجد ۾ درس ڏيڻ وارو بڻجي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه هو فلمون ڊراما، گانا باجا، بدنگاهي وغيره گناهن کي ڇڏي چڪو آهي ۽ پنهنجي گهر وارن تي بہ انفرادي ڪوشش ڪندي انهن کي بہ نمازي بنائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي.

سَنور جائے گی آخِرت اِنْ شَآءَ الله تم اپنائے رکھو سَدا مَدَنی ماحول
تمہیں لُطف آجائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه جي ڪرامت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ الله عَنْه جي سيرت ۽ ڪردار بابت پڙهي رهيا هئاسين، پاڻ رَضِیَ الله عَنْه جي ذاتِ مبارڪ مان وقت بوقت اهڙين ڪيئي ڪرامتن جو ظهور ٿيو، جن کي پڙهي عقل دنگ رهجي ويندا آهن، اچو اسان بہ هڪ ڪرامت پڙهون ٿا:

هڪ ڀيري هڪ شخص رستي ۾ ڪنهن عورت کي بُري نگاهہ سان ڏٺو، پوءِ جڏهن اهو اميرُالمُؤمِنِين حضرت سيدنا عثمان غني رَضِیَ الله تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت باعظمت ۾ حاضر ٿيو تہ حضرت اميرُالمُؤمِنين رَضِیَ الله تَعَالٰی عَنْهُ نهايت سخت لهجي ۾ فرمايو: توهان اهڙي حالت ۾ منهنجي سامهون اچو ٿا جو توهان جي اکين ۾ بدڪاري جا اثرات هوندا آهن! ان شخص چيو: ڇا رسول الله صَلَّى الله تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ هاڻي اوهان تي بہ وحي نازل ٿيڻ لڳي آهي؟ اوهان کي هي ڪيئن خبر پئي جو منهنجي اکين ۾ بدڪاري جا اثرات آهن؟ ارشاد فرمايائون: مون تي

وحي تہ نازل ناهي ٿيندي پر مون جيڪو ڪجھ چيو اها بلڪل سچي ڳالھ آهي. رب ڪريم مون کي اهڙي فِراست (نوراني بصيرت) عطا فرمائي آهي جنهن سان مان ماڻهن جي دلين جا حالات ۽ خيالات ڄاڻي وٺندو آهيان. (طبقات الشافعيه الڪبريٰ للسبڪي، ۳۲۷/۲، ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ شڪ ناهي تہ الله ڪريم پنهنجي نيڪ ۽ پاڪيزه ٻانهن کي اهڙيون صلاحيتون عطا ڪندو آهي جو عام ماڻهن کي ناهن ملنديون، انهن صلاحيتن جي ڪري انهن کان عقل ۾ نہ ايندڙ ڪمن جو ظهور ٿيندو آهي جن کي ڪرامت (Saintly miracle) چوندا آهن. ڪرامت جي تعريف اها آهي تہ الله پاڪ جي ولي کان جيڪا ڳالھ خلافِ عادت صادر ٿئي، ان کي ڪرامت چوندا آهن. (بهارِ شريعت،حصہ اول،۵۸/۱ بتغيرقليل) خلافِ عادت ڳالھ مان مُراد اهو ڪم آهي جيڪو عام طور تي هر ڪنهن انسان کان ظاهر نہ ٿيندو هجي مثال طور هوا ۾ اُڏامڻ، پاڻي تي هلڻ وغيره ڪمَ جوتہ عام طور تي ماڻهو نہ ئي هوا ۾ اُڏامي سگهي ٿو ۽ نہ ئي پاڻي تي هلي سگهي ٿو. (فيضانِ مزاراتِ اولياء،ص۴۶) ياد رکو! ڪرامت جو مُنڪر(يعني اِنڪار ڪرڻ وارو) گمراھ آهي. (بهارِ شريعت، حصہ اول،۲۶۹/۱)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڪرامت بابت ٻڌي رهيا هئاسين، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ ذوالحجة الحرام رحمتون ورهائي رهيو آهي، انهيء مهيني جي 19 تاريخ جو خليفهٔ اعليٰ حضرت، صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا شاھ نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو يومِ عرس آهي. حضرت صدرا لافاضل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا عالم، مفتي ۽ الله پاڪ جا ولي هئا، اچو پهريان سندن هڪ ڪرامت ٻڌون تا پوءِ سندن مختصر تعارف بہ ٻڌنداسين.

## حضرتِ صدرُالافاضل جي ڪرامت:

حضرتِ مولانا منظور احمد صاحِب گهوسوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجو اکين ڏٺو

احوال بيان فرمائن ٿا تہ صاحبِ خزائن العرفان **صدر الافاضل** حضرت علامه مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو روزانو معمول هو تہ صبح جي نماز پاڙي واري مسجد ۾ باجماعت ادا فرمائيندا هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي مسجد وڃڻ کان اڳ ۾ ئي هڪ چئن فٽن جي ٿانوء ۾ چانهه جو سامان وڌو ويندو هو ۽ باهه ٻاري ويندي هئي، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جڏهن نماز پڙهي کري واپس تشريف کڻي ايندا هئا تہ چانهه تيار ٿي ويندي هئي. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اوطاق ۾ ويهي رهندا هئا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي عقيدتمندن جو وڏو ميڙ جمع ٿي ويندو هو، عام طور تي پنجاهہ کان بہ سؤ ماڻهن تائين جو ميڙ هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اچڻ وارن جو ايڏو ميڙ هوندو هو جو اوطاق ۽ ٻاهرين اڱڻ ٻنهي ۾ بلڪل جڳهہ نہ بچندي هئي، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ويهندي ئي خادم چانهه سان ڀريل هڪ ڪوپ ساسر ۾ لڳائي ڪري چانهه جي پيالي تي هڪ بسڪيٽ رکي ڪري سندن خدمت ۾ پيش ڪندا هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اها پيالي پنهنجي مبارڪ هٿن سان کڻي پنهنجي ساڄي پاسي ويهڻ وارن کي ڏئي ڇڏيندا هئا، اهڙيءَ ريت چار ڇهہ پياليون پاڻ ورهائيندا هئا. باقي رهيل پوري مجمعي ۾ خادم اهڙيءَ ريت هڪ هڪ بسڪيٽ ۽ هڪ هڪ چانهه جي پيالي ورهائيندا هئا، هڪ پيالي چانهه ۽ هڪ بسڪيٽ پاڻ بہ کائيندا هئا. جڻ تہ هي سندن صبح جو ناشتو هوندو هو.

**حضرت** مولانا سيّد منظور احمد صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وڌي يقين سان فرمائن ٿا، حاضرين ٿورا هجن يا گهڻا مون اها ڳالهہ خاص طور تي نوٽ ڪئي تہ اها ئي هڪ پيري جي ٻٽايل چانهه روزانو اچڻ وارن تمام ماڻهن جي لاءِ ڪافي هوندي هئي. ڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ حاضرين جو تعداد گهٽو ٿي ويو هجي ۽ وڌيڪ انتظام ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي هجي. حضرت مولانا سيّد منظور احمد صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو مٿي ذڪر ڪيل بيان هن ڳالهہ جي طرف واضح اشارو ڏئي رهيو آهي تہ اها حضرت **صدر الافاضل** رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي معمولات وارن ڪرامتن مان هڪ انتهائي ڪرشماتي ڪرامت آهي. (تاريخِ اسلام کي

عظيم شخصيت صدر الافاضل، ص ٣٣٣تا٣٣٤، ملخصاً،از فيضانِ سنت، ص٣٩٨)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان، حضرت صدرالافاضل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هٿن جي برڪت ۽ ڪرامت هئي جو هڪ ديڳ جي ٿلهيل چانهه تمام ماڻهن کي ڪفايت ڪندي هئي. سندن يومِ عرس به هن ئي مهيني ۾ آهي. اچو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سيرت جي باري ۾ مزيد ڪجهه مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا.

## سِيرتِ مُبارَڪ جون ڪجھ جھلڪيون

صدرالافاضِل حضرتِ علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي وِلادت 21 صَفرالمُظَفَّر ١٣٠٠ بمطابق پهرين جنوري 1883 بروز سومر شريف "هند" جي شهر "مرادآباد" ۾ ٿي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو نالو "**محمد نعيم الدين**" رکيو ويو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا والد حضرت مولاناسيد محمد معين الدين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين جا ڪيئي فَرزَند قُرانِ پاڪ جا حافظ ٿيڻ کان پوءِ وفات ٿي چڪا هئا، صَدرُ الافاضِل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پيدائش ٿي سندن والدِ محترم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه باس باسي ته الله تعالي ان کي زندگي بخشي ته خدمتِ دين جي لاءِ هن پٽ کي وقف ڪندس ۽ انهن ائين ئي ڪيو. حضرت صَدرُالاَفَاضِل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏا مهمان نواز ۽ سخي هئا، تمام وڏا عالم هئڻ جي باوجود عاجزي ۽ انڪساري جا پيڪر هئا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهڻو ويجهو هئا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ کي خلافت به عطا ڪئي هئي.

## وقتِ رُخصَت

حضرت مولانا مفتي سيد غلام مُعِينُ الدِّين نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بيان آهي 11:00 بجي جو وقت هو، ڪمري ۾ مون ۽ حضرت جي علاوه ٻيو ڪو نه هو، ٿوري دير مون سان گفتگو ڪيائون، ان کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خاموش ٿي ويا

ڪجھ دير ڪان بعد فرمايائون منهنجي ٻانهن دٻايو، پوءِ مان ويهي ٻانهن ۽ چيلهه دٻائڻ لڳس، مون ڏٺو تہ ڪجھ فرمائي رهيا آهن ۽ چهري تي بيحد پگهر (Sweat) آهي مون رومال سان چهري جو پگهر خشڪ ڪيو پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه نگاهہ کڻي مون ڏانهن ڏٺائون، پوءِ آواز سان ڪلمو شريف: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه. پڙهڻ شروع ڪيائون، ڪلمو شريف پڙهندي، 19 **ذُوالحجة الحرام ١٣٦٧** ھ تي هن دُنيا مان لاڏاڻو ڪيائون. جامعہ نعيميہ (مرادآباد هند) جي مسجد جي کاٻي پاسي ۾ پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي آخري آرام گاهہ آهي. حضرت صَدرُالاَفَاضِل رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي باري ۾ مزيد معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو رسالو ”تذڪرهءِ صدرالافاضل“ هديو ڏئي حاصل ڪريو ۽ مطالعو فرمايو.

هن ئي مهيني ذوالحجہ جي 14 تاريخ تي شيخِ طريقت، اَميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي والدِ گرامي حاجي عبدالرحمٰن قادري رَحْمَۃُ اللهِ عَلَیْه جو بہ ڏهاڙو آهي۔ انهن کي بہ خوب خوب ايصالِ ثواب ڪريو، اللّٰه پاڪ اسان جي تمام بزرگانِ دين تي رحمت فرمائي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِي الْاَمِين صَلَّى الله عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مجلس ”المدينہ لائبريري“

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! فيضانِ عثمانِ غني سان فيضياب ٿيڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ ڪم وپيش 107 شُعبن ۾ دِينِ اسلام جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن مان هڪ شُعبو بنام ”**مجلس المدينہ لائبريري**“ بہ آهي.

انهيءِ مجلس تحت مدني مراڪز **فيضانِ مدينہ** (عينِ مسجد جي علاوه ڪنهن بي هنڌ) ”**المدينہ لائبريري**“ جي نالي سان هڪ اسلامي ڪتب خانو قائم ڪيو ويو آهي جنهن ۾ **مخصوص اوقات** ۾ مُطالعي جي لاءِ خُوشگوار ماحول، آدِيو،

ويڊيو بيان ۽ مدني مذاڪرا ٻڌڻ ۽ مدني چينل ڏسڻ جي لاءِ ڪمپيوٽرز (Computers) وغيره فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي،

**”المدينہ لائبريري“** ۾ شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه ۽ اَلمدِينَة العِلمِيہ جا تحرير ڪيل مختلف مَوضُوعن تي مُشتمِل ڪتاب ۽ رسالا رکيا ويا آهن، الله ڪريم **”مجلس المدينہ لائبريري“** کي وڌيڪ ترقيون عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة المصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

ان کی سُنَّت کا جو آئنہ دار ہے بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسواڪ جون سنتون ۽ آداب

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اچو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رِسالي ”163 مَدَني گل“ مان مِسواڪ بابت مدني گل ٻڌون ٿا. پهرين ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ❖ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏنڊڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن. (الترغيب والترهيب، ١٠٢/١،

،حديث:١٨) ❖ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو ته هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي. (مسند احمد ،مسند عبد الله بن عمر، ٢ /٤٣٨،حديث:٥٨٦٩) ❖ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏهه خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو ❖ حضرت سيدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائينديون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ. (حياة الحيوان،٢/١۶۶) ❖ مسواڪ ڪبڙ جو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي ❖ مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي ❖ ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته اڇلايو نه، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“سنتيں ۽ آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جي بيان جو موضوع آهي: **"جلد بازي جا نقصان"**. جلد بازي ڪرڻ جي سبب ڪهڙا ڪهڙا نقصان ظاهر ٿين ٿا، معاشري ۾ ڪهڙن ڪمن ۾ جلدبازي جو مظاهرو ڪيو پيو وڃي، ۽ ڪهڙن ڪمن ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي، اهو سڀ ۽ ٻيا معلوماتي نڪتا هن ۾ بيان ٿيندا. لهٰذا! **آئنده جمعرات ٻه** اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي ٻه گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[2]

## (6) دُرُود شفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305